شخصيت سيريز

مشهور

# فاتح ۽ سورما



سهيڙيندڙ

نور احمد ميمڻ

Sindhica
سنڌيڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مشهور
# فاتح ۽ سورما

سهيڙيندڙ:
نور احمد ميمڻ

Sindhica
سنڌيڪا

Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪتاب جا هڙئي حق ۽ واسطا سنڌيڪا وٽ محفوظ

پهريون ڇاپو : 1995ع
ٻيو ڇاپو: 1999ع
ٽيون ڇاپو: 2014ع
چوٿون ڇاپو: 2018ع
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشن ڪراچي

ملهه: 100 روپيا

# فهرست

سڪندر اعظم ........ 3
جوليئس سيزر ........ 6
خالد بن وليد ........ 9
سعد بن وقاص ........ 13
صلاح الدين ايوبي ........ 15
چنگيز خان ........ 18
فاتح عالم تيمور ........ 20
دولهه دريا خان ........ 23
نيپولين بوناپارٽ ........ 27
جنرل هوش محمد شيدي ........ 30

ڪتاب ملڻ جا هنڌ:
سنڌيڪا اڪيڊمي B_24 ، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي74400. فون: 021_32737290
سنڌيڪا بوڪ شاپ: شاپ نمبر5، ميزنائين فلور، حيدرآباد ٽريڊ سينٽر، حيدر چوڪ ، 03133692150
سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديه پلازه گهنٽا گهر چوڪ سکر فون: 03352233803_03013431537
سنڌيڪا بوڪ شاپ، مدني شاپنگ سينٽر، جي پي او روڊ، لاڙڪاڻو فون: 0331_3480039
سنڌيڪا بوڪ شاپ، رمضان بروهي مارڪيٽ، نوشهروفيروز. فون: 03022917397
العماد بوڪ سيلرز، اردو بازار، ڪراچي 0300_2827848_ مدني اسلامي ڪتبخانو، نئون چوڪ دادو
۽ ٻيا سنڌ جا وڏا بوڪ اسٽور

لکپڙهه لاءِ: سنڌيڪا اڪيڊمي
B-24، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي74400
فون: 021-32737290، ويب سائيٽ: www.sindhica.org
اي ميل: sindhicaacademy@gmail.com

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سڪندر اعظم

356_323 ق_م



سڪندر اعظم ڀرپور جوانيءَ ۾ وفات ڪري ويو. وفات وقت سندس عمر صرف 33 سال هئي، پر انهيءَ ٿورڙي ڄمار ۾ هن تمام وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا. وفات وقت هو پنهنجي پوئتان 70 اهڙا شهر اڏي ويو، جن سڀني جو نالو سڪندريه هو. اهي شهر اڄوڪي مصر واري علائقي کان شروع ٿي ايران، افغانستان ۽ وچ ايشيا مان ويندي هندستان تائين پکڙيل هئا.

پنهنجي ڄم کان وٺي سڪندر يونان ۾ دلچسپي وٺندو آيو هو ۽ سون تي سهاڳي وارو ڪم ڪيس مليل تعليم ڪيو. مقدونيه جي بادشاهه فلپ ٻئي ۽ يوناني راڻي اولمپياس جي پٽ هئڻ ڪري سندس تعليم ۽ تربيت ارسطو جهڙي عظيم مفڪر ۽ دانشور هٿان ٿي، جنهن ڪيس فلسفي، سائنس ۽ تاريخ جي سکيا ڏني. سڪندر تاريخ ۾ يوناني جنگي جوڌن

Jeay Sindh



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي باري ۾ پڙهي پڙهي پاڻ کي انهن جو ئي وارث سمجهڻ لڳو. تاريخ مان ئي ڪيس پتو پيو ته 150 سال اڳ ايران يونان تي حملا ڪندو رهيو هو ۽ پنهنجي پيءُ فلپ سان هم صلاح ٿي، هن ايران کان مقدونيه جي بدلي وٺڻ جي سٽ سٽي.

فلپ کي 332 ق-م ۾ قتل ڪيو ويو پوءِ سڪندر ويهن سالن جي ڄمار ۾ ئي بادشاهه ٿيو. سڪندر منڍ کان ئي پاڻ کي هڪ ذهين جنرل طور مڃرايو. هو چالاڪ، لچڪدار طبيعت رکندڙ ۽ ملنسار ماڻهو هو. هو پنهنجون جنگي چالون علائقي جي بيهڪ، دشمن جي طاقت ۽ هٿيارن کي نظر ۾ رکي ٺاهيندو هو. پنهنجي دشمنن جون ڪمزوريون ڳولي ڪڍندو هو ۽ پوءِ سندن غلطين جو ڀرپور فائدو وٺندو هو. هو پنهنجي سوارن جي جنگي جٿي جي پنهنجي سر پاڻ مهنداري ڪندو هو. اهو جٿو گهڻو ڪري حملن وقت سڀ کان اڳيان هوندو هو تنهن ڪري سندس فوجي سوارن کي جيتوڻيڪ گهڻا ئي زخم رسندا هئا، پر انهيءَ حڪمت عملي ڪري فوجين جي نظر ۾ سندس مان مٿانهون رهندو هو ۽ هو ساڻس غيرمشروط طور وفادار رهندا هئا. گهڻن فوجي مهندارن جي ابتڙ سڪندر پاڻ به هڪ بهادر ويڙهاڪ هو.

Jeay Sindh

334 ق-م ۾ هُن درهه دانيال ٽپي ايشيا ۾ قدم رکيا ۽ ڏسندي ئي ڏسندي ڇئن سالن جي مختصر عرصي ۾ ايشيا مائنر فتح ڪري، هن اتان جي يوناني شهرن کي آزاد ڪرائي ورتو. هن طائر جي ٻيٽ واري شهر جو اجيت بچاءُ پڃي اهو ٻيٽ فتح ڪري ورتو ۽ جڏهن مصر ۾ قدم رکيائين، تڏهن ڪيس اتان جو فرعون ڪري مڃيو ويو. هن پهريون "سڪندريه" شهر مصر ۾ ٺاهيو. گاڱو گاميلا ۾ ايراني فوج کي نيست و نابود ڪري ڇڏيائين ۽ نه رڳو بابل ايلام مديا کي فتح ڪيائين پر ايران کي به پنهنجي قبضي هيٺ آندائين.

سڪندر 330 ق-م ۾ ايران کي پنهنجي قدمن تي جهڪائي، اوڀر طرف وڌيو جتي هن بڪتريا (اڄوڪو افغانستان) ۾ ساگدينيه (وچ ايشيا) کي فتح ڪيو جتي ڪيس گوريلا جنگ جهڙي حڪمت عمليءَ سان وڙهڻو پيو. اتي هن هڪ مقامي سردار جي ڌيءَ رخسانه سان شادي ڪئي. هن 327 –ق-م ۾ هندستان تي حملو ڪيو جتي ٽيڪسيلا ۾ پورس نالي بادشاهه کي شڪست ڏيڻ ڪانپوءِ هن "مگڌ" جي بادشاهه نندا سان لڙائي ڪرڻ جي تياري ڪئي، پر سندس فوجن اڳتي وڌڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. سڪندر سندن فيصلو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قبول ڪيو ۽ پنهنجو رخ ڏکڻ طرف رکيائين ۽ سنڌو نديءَ جو ڪنارو ڏيئي، ان جي ڊيلٽا تائين پهتو. اتي پهچي هن پنهنجن فوجين کي ٻن حصن ۾ ورهايو: جنهن مان هڪ حصي کي سمنڊ رستي واپس موڪليائين ۽ ٻئي حصي کي بلوچستان رستي پاڻ سان گڏ وٺي موٽيو. انهن ٻنهي سخت مسافرين مان سندس جيڪي فوجي بچي نڪتا، سي ڏکڻ ايران ۾ اچي هڪ ٻئي سان مليا.

سڪندر ڪيسپين سمنڊ جي کوجنا ڪرڻ، ايراني نار جي ڪنارن تي آبادي ڪرڻ ۽ هندستان سان ڪليل سمنڊ وسيلي لهه وچڙ ۾ اچڻ جون رٿائون تيار ڪرڻ ۾ مشغول رهيو پر شراب پيئڻ جي هڪ ڊگهي چٽاپيٽيءَ کان پوءِ بيمار ٿي پيو ۽ 13 جون 323 ق-م ۾ ڏهن ڏينهن جي بخار کانپوءِ گذاري ويو. سندس مڙهه مصر واري سڪندريه ڏانهن نيو ويو ۽ ڪيس هڪ سوني پيٽي ۾ بند ڪري مقبري ۾ رکيو ويو. سڪندر پنهنجي زندگي ۾ ئي هڪ ڏند ڪٿائي طور مشهور ٿي پيو هو.

هن جي ڪارنامن جا قصا سندس شهنشاهي جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين پيا ڳائبا هئا ۽ اهي ڏند ڪٿائون اڄ ڏينهن تائين هلنديون اچن. پر تاريخدان ڪيس ڪنهن ٻئي سببان اهميت ڏين ٿا. سڪندر اهو پهريون يورپي ماڻهو هو جنهن پنهنجي زماني جي چاتل دنيا تي حڪومت ڪئي ۽ يوناني ٻولي ۽ ثقافت کي پکيڙي هڪ اهڙو بنياد رکيائين، جنهن مٿان بعد ۾ روم پنهنجي شهنشاهي اڏي ۽ ان کي پختو ڪيو.

سنڌيڪار: محمد بخش سومرو

Jeay Sindh



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جوليئس سيزر

100_4 ق-م



جوليئس سيزر قديم روم جي عظيم ترين فوجين ۽ ملڪي مدبرن مان هڪ هو. سندس زندگي گهڻوڪري خطرن سان ڪيڏنديَ گذري. روم جي هڪ معزز گهراڻي جو هي غيرمعروف فرد پنهنجي جوانيءَ جي اوائلي ڏينهن ئي ۾ سياست ۾ بهرو وٺڻ جو فيصلو ڪري چڪيو هو. هو اڃا 18 ورهين جو هو تہ هڪ سڌارڪ اڳواڻ جي ڌيءَ سان شادي ڪيائين ۽ سندس سڌارڪ خيالن کان هو ڪو واقف ٿي چڪو هو. روم جي قدامت پسند سگهاري اڳواڻ سئولا ڪانئس گهر ڪئي تہ سڌارڪ اڳواڻ جي ڌيءَ يعني پنهنجي زال کي طلاق ڏئي ڇڏي. سندس انڪار ڪرڻ تي هن کيس پڇائي جلاوطن ڪري ڇڏيو تنهن ڪري هن کي سياست شروع ڪرڻ ۾ دير لڳي وئي. سئولا جي موت ڪانپوءِ سنہ 76 ق-م ۾ هو جڏهن روم موٽي آيو تہ ان وقت سياست جي ڏاڪڻ تي چڙهڻ شروع ڪيائين. 62 ق-م تائين هو پرئڪٽر جي عهدي لاءِ چونڊجي ويو جيڪو رومي سرڪار ۾ ٻيو نمبر وڏو عهدو هوندو هو. ٻئي سال کيس ڏورانهن اسپين (اندلس ۽ پورچوگال) جو گورنر مقرر ڪيو ويو. سيزر انهيءَ عهدي کي ٻين گهڻن رومي گورنرن وانگر فوجي چڙهايون ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ۽ گهڻو ئي مال غنيمت هٿ ڪيائين. انهيءَ دولت جي آڌار تي ئي هو 59 ق-م ۾ ڪائونسلري جي چونڊن ۾ اميدوار بيٺو ۽ ڪٽيائين.

انهيءَ عهدي تي رهندي سيزر ”پومپي“ نالي هڪ مقبول ۽ ڪامياب جنرل کي پنهنجو

Jeay Sindh



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وفادار بنائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. اهو جنرل ڪنهن زماني ۾ سئولا جو طرفدار هو. سيزر زور پري سينيٽ کي مجبور ڪيو تہ هو پومپي جي رٽائرڊ سپاهين کي زمين ڏي. انهيءَ ڪانپوءِ سيزر ڪراسس کي انهيءَ ٻڌي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ قائل ڪري ٽہ-ياري قائم ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ڪراسس پومپي جو هڪ پراڻو مخالف. مکيہ ملڪي مدبر ۽ روم جو سڀ کان شاهوڪار ماڻهو هو. جڏهن سيزر جو ڪائونسل طور هڪ سال جو مدو پورو ٿيو تڏهن هن روم ۾ پنهنجا سياسي معاملا پنهنجن ٻنهي ساٿين جي حوالي ڪيا ۽ پرو ڪائونسل جو عهدو ماڻڻ لاءِ گال ڏانهن روانو ٿي ويو.

گال ۾ سيزر کي پنهنجي فوج ناهڻ ۽ ان وسيلي فتحون ڪري شان و شوڪت ماڻڻ ۽ مالي فائدا حاصل ڪرڻ جو موقعو ملي ويو. هن انهيءَ موقعي جو پورو پورو فائدو ورتو. سن 50 ق-م تائين هن اٽليءَ جي سرحد کان وٺي رائن تائين سڄي گال کي فتح ڪري ورتو ۽ ان ۾ ناپر آٽي، اتي چڱي طرح رومي قبضو ڄمايو. هن جي فتحن ۾ ڪجهہ تہ سندس فوج جي وفاداريءَ جو هٿ هو جيڪا سندس دليريءَ ۽ مهارت جي ڪري کيس عزت جي نظر سان ڏسندي هئي ۽ انهن ۾ سندس بر وقت فيصلي ڪرڻ جي خاصيت ۽ فوج کي اتساهہ ڏيارينڊڙ گرن جو عمل دخل پڻ هو. گهڻو ڪري پنهنجي دشمنن مٿان اوچتو وڃي ڪڙڪندو هو ۽ ڪين پاڻ بچائڻ جو موقعو بہ نہ ڏيندو هو. گال جي قبيلن جي پاڻ ۾ اڻبڻت بہ سندس فتحمندي جو ڪارڻ هئي. هن جرمني ۽ برطانيا تي بہ حملو ڪيو پر گهڻي فوج نہ هئڻ ڪري انهن ملڪن کي رومي شهنشاهيت ۾ شامل ڪري نہ سگهيو.

گال ۾ سيزر جيڪي فتحون ڪيون تن، رومين کي ڏاڍو متاثر ڪيو پر سندس ساٿين پومپي، سيزر جي وڌندڙ طاقت ۽ ڏاڪي کان ڊڃي ويو چو تہ انهيءَ سان سندس گهٽتائي پئي ٿي. ڪراسس بہ انهيءَ صورتحال تي بيچين ٿي رهيو هو پر سيزر سياڻپ ڪري ٽہ-ياريءَ ۾ پيدا ٿيل اختلاف ختم ڪرايا ۽ اها ٽي-ياري ايستائين برقرار رهي جيستائين هن گال ۾ پنهنجون جنگيون مڪمل ڪري نہ ورتيون. ڪراسس انهيءَ وقت تائين اوير ۾ پارٿين سان وڙهندي مارجي چڪو هو. هاڻي مقابلي ۾ صرف پومپي ۽ سيزر وڃي بچيا هئا.

پومپي ۽ سيزر ٻنهي وٽ فوجون هيون. ٻنهي مان ڪو بہ پنهنجين فوجن تان اوستائين هٿ کڻڻ لاءِ تيار نہ هو جيستائين ٻي ڌر بہ ائين نہ ڪري. سينيٽ جڏهن پومپي جي پٺڀرائي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ سيزر کي پنهنجي ڪمانڊ ڇڏڻ جو حڪم ڪيو تڏهن هن انڪار ڪندي اعلان ڪيو تہ "مان پنهنجو ورتل ڏگ ڇڏي نٿو سگهان" هن پنهنجي فوج وٺي هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ننڍي ندي وربيڪان پار ڪئي، جيڪا اٽلي ۽ گال جي وچ ۾ سرحد جو ڪم ڏيندي هئي.

ايئن ڪرڻ سان ھہ ڏريون ٿي پيون. ھڪ ڌر سيزر کي پنھنجو حڪمران تي مڃيو ۽ ٻي ڌر بدعنوان ۽ نالائق سينيٽ جي اختيار ھيٺ قائم جمھوري حڪومت جي حامي ھئي. ٻنھي ڌرين ۾ گھرو لڙائي ڇڙي پئي. پومپي جي ھٿ ھيٺ وڙھندڙ سينيٽ جي حامي فوجن شڪست کاڌي ۽ سيزر جي اڳتي وڌڻ ڪري اٽلي مان ڀاڄ ڪائي وڃي يونان پھتيون. يونان ۾ ٻنھي ڌرين وچ ۾ جيڪا ڀھرين چڪري لڳي، تنھن ۾ سيزر جي فوج جا پير اکڙي ويا پر ھن فارسلا پرسان جنگي اھميت جي ھڪ ھنڌ تي پنھنجي فوجين کي ورڻ ڪنو ڪيو. پومپي جي فوجين جڏھن ٻيھر حملو ڪيو تہ کين ڇيپاتيو ويو. پومپي ھن دفعي ڀاڄ ڪائي وڃي مصر مان نڪتو جتي مارجي ويو پر سندس فوجن تيونس تي حملو ڪيو. سيزر مصر تائين سندن پيڇو ڪيو جتي ھن جي ملاقات قلوپطرہ سان ٿي. ھن فيصلو ڪيو تہ شام ۽ پونٽس (ترڪي) رستي پنھنجي ملڪ موٽڻ کان اڳ ھوا تي آرام ڪندو.

سيزر 47 ق-م ۾ روم ڏانھن موٽيو. ھاڻي ھن ھڪ آمر جي حيثيت ۾ شھنشاھيت کي محفوظ ڪرڻ ۽ ان جي انتظامي جوڙجڪ کي نئين سر جوڙڻ جي ڪجھ رٿائن تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو جن مان ڪن تي پوءِ سندس جانشين پڻ عمل ڪيو. گال کي فتح ڪري ھن يورپ کي يونان ۾ روم جي تھذيب اثر ھيٺ آندو. جھرندڙ جمھوري حڪومت کي تباھ ڪري ھن شھنشاھ ٿيڻ جو رستو صاف ڪيو ۽ "رومن شھنشاھيت" جي تخليق ۽ جياپي کي ممڪن ڪري ڏيکاريو.

سنڌيڪار: محمد بخش سومرو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# خالد بن وليد

وفات 21هہ مطابق 642ع




اسلام جي ٻئي خليفي جي خلافت جي اوائلي ڏينهن ۾ عرب فوجون اڻپورن هٿيارن سان، بنا ڪنهن سکيا جي ساڳئي وقت ٻن محاذن تي وڙهيون پئي. عراقي محاذ تي انهن طاقتور ايراني شهنشاهہ خسرو جي وڏن لشڪرن کي مصروف رکيو هو ۽ شامي محاذ تي اهي بازنطيني شهنشاهہ جي مضبوط فوجن خلاف وڙهي رهيون هيون.

عربن شام ۾ مضبوط رومي فوجن خلاف سڄو ڏينهن لڙائي ڪئي هئي، پر جنگ جو ڪو فيصلو نہ ٿي سگهيو هو. عرب جوڌا پنهنجي ڇانوڻيءَ ۾ سڄي ڏينهن جي ڪارگذاري تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا. آخرڪار هڪ بانڪو سپاهي اُٿي بيٺو ۽ ڪين پنهنجي پرعزم آواز سان مخاطب ٿيندي چيائين:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"پائرو! خدا اسان سان گڏ آهي، اسان برابري، ڀائيپي ۽ انصاف جي بنياد تي ٻڌل حڪومت قائم ڪرڻ واري نيڪ مقصد خاطر وڙهون پيا. سياڻي مان انهن رومي ٽولن کي سبق سيکارڻ چاهيان ٿو".

"ڪهڙو؟" آواز آيو.

"مان رڳو ٿو ڏيان ته غسانين جي اڳواڻ جبلہ جي سٺ هزار مضبوط سپاهين جو مقابلو فقط ٽيهن مسلمانن سان ڪجي".

"ڇا تون اها ڳالهہ سنجيدگيءَ سان ٿو چئين؟" پوڙهي ابو سفيان پڇيو.

"هائو" خالد بن وليد وراڻيو.

"منهنجي خيال ۾ ته تون پنهنجي طاقت جي وڌيڪ ڪٿ ڪرين پيو. اهڙي ريت ته تون مسلمانن جي قيمتي زندگين سان کيڏندين." ابو سفيان تڪائيءَ سان چيو.

"نہ بلڪل نہ. حقيقت ۾ ته مان مسلمانن جون قيمتي جانيون بچائڻ ٿو چاهيان. اهڙي نموني مان دشمن کي حد کان وڌيڪ ڏيڄارڻ ٿو گهران، جنهن کي پنهنجي وڌيڪ طاقت ۽ فوجي هٿيارن تي ناز آهي." خالد بن وليد جواب ڏنو.

آخرڪار عرب فوجن جو سپهہ سالار ابو عبيده وچ ۾ پيو ۽ سڀئي انهيءَ ڳالهہ تي سهمت ٿيا تہ شير دل خالد بن وليد دشمن جي چڱي طرح هٿياربند ٽيل سٺ هزار مضبوط فوج جو ٽيهن بدران سٺ مسلمانن سان مقابلو ڪندو. ٻئي ڏينهن خالد بن وليد پنهنجن 59 ساٿين سان گڏجي سٺ هزار عيسائين جو مقابلو ڪيو. اها هڪ يادگار لڙائي هئي، جنهن جو فوجي مهمن جي تاريخ ۾ ڪو مثال نہ ٿو ملي. اها لڙائي سڄو ڏينهن هلي ۽ سٺ عرب، هٿياربند ماڻهن جي سمنڊ ۾ گم ٿي ويا. جيڪي سندن پيرن اڪيڙڻ لاءِ اٿندڙن ويرن وانگر اڳتي وڌي مٿن حملا ڪري رهيا هئا. عرب شينهن وانگر وڙهيا پئي، ڪڏهن ڪڏهن "الله اڪبر" جو نعرو ٻڌڻ ۾ ٿي آيو جنهن مان سندن انهن ساٿين کي سندن جيئري هئڻ جي خبر پوي پئي، جيڪي ڏاڍي بيتابي سان هلندي جنگ ڏسي رهيا هئا. خالد بن وليد هڪ سورمي وانگر وڙهندي آخري ڪوشش ڪئي، جنهن سان عيسائين جا پير اکيڙي ويا ۽ انهن پنهنجو گهڻو نقصان ڪرائي شڪست کاڌي اهڙي طرح مسلمانن ان ڏينهن ميدان ماريو. ناقابل شڪست خالد هڪ اهڙي يادگار جنگ کٽي، جنهن جو جنگين جي تاريخ ۾ ٻيو ڪو مثال نہ ٿو ملي. انهيءَ فتح سان رومين مٿان عربن جي برتري قائم ٿي وئي، توڙي جو اهي رومين کان تعداد ۾ گهٽو گهٽ هئا ۽ وٽن هٿيار بہ ٿورا هئا.



Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسلام جي سپاهي جي حيثيت ۾ هو پهريون ڀيرو موط جي جنگ ۾ شريڪ ٿيو. اها جنگ اٺين صدي هجريءَ ۾ لڳي هئي، جنهن ۾ هن پنهنجي بي مثال بهادريءَ فوجي مهارت جا جوهر ڏيکاريا هئا. انهي جنگ ۾ مسلمانن جو تعداد مشڪل سان 3000 هزار هو جڏهن ته رومي فوج ۾ چڱي طرح سڪيا ورتل ڏيڍ لک سپاهي هئا.

پيغمبر ﷺ جي حياتي ۾ خالد جن ٽين جنگي مهمن ۾ حصو ورتو سي هيون: حنين، نجدان جون جنگيون ۽ طائف تي قبضو.

پيغمبر جي وفات ڪري مسلمانن تي اونداهه ڇائنجي وئي. مرڪزي اختياري جي لاڏاڻي جو ٻڌي عرب قبيلا پنهنجي نئين مذهب خلاف اٿي بيٺا. اسلام جو پهريون خليفو حضرت ابوبڪر صديق به هوڏ ٻڌي بيٺو ته باغي بنا شرط پيش پون نه ته ساڻن تباهه ڪندڙ جنگ ڪئي ويندي. خالد بن وليد انهن جنگين جو سورمو هو. "پنهنجي سپهه سالاري جي اٽڪل ڇهن مهينن اندر هن وچ عربستان جي قبيلن کان آڻ مڃرائي." اتر عربستان ۾ ٽاپر ٽيڻ کان پوءِ مسلمانن جو ايرانين سان ٽڪر ٿيو جيڪي عربي عراق تي حڪومت ڪندا هئا ۽ پروارن علائقن ۾ رهندڙ بدوي عرب قبيلا کين پنهنجو آقا مڃيندا هئا. ايرانين هنن قبيلن کي اسلام خلاف بغاوت تي پڙڪايو. اسلام خلاف ايرانين جي اهڙين حرڪتن ڪري، رحمدل ۽ گهٽوان خليفي ابوبڪر مجبور ٿي اجيت خالد بن ولد جي هٿ هيٺ محرم سن 12 هجريءَ تي عراق ڏانهن هڪ فوج موڪلي. جتي خالد پنهنجي سرس چالن ۽ عظيم فوجي مهارت سان مسلمانن کي پاڻ کان تمام گهڻي عمدي ايراني فوج مٿان فتح ڏياري. خالد عراق ۾ 14 مهينا رهيو. انهي عرصي ۾ هن اهڙي دشمن خلاف 15 لڙايون ڪيون ۽ کٽيون، جيڪو ماڻهن توڙي هٿيارن جي لحاظ کان ڪانئس گهڻو طاقتور هو. عرب جيڪي هن مهل تائين زندگيءَ جي هر ميدان ۾ پاڻ کي ايرانين کان گهڻو گهٽ سمجهي کين پنهنجو آقا ڪري مڃيندا هئا، تن جو احساس ڪمتري ختم ٿي ويو ۽ منجهن وري خوداعتمادي پيدا ٿي پئي. عراق ۾ خالد جنهن تيزيءَ سان فتحون ڪيون ۽ جيتري ٿوري وقت ۾ وسيلن سان ڀرپور وسيع ايراني سلطنت کي جڏو بنائي ڇڏيائين، سي جنگي تاريخ ۾ سڀ کان شاندار مهمون ليکي سگهجن ٿيون ۽ کيس سيني زمانن جي عظيم ترين سپهه سالارن مان هڪ سڏي سگهجي ٿو.

هن ڪيترين ئي اهڙين چالن ايجاد ڪيون هيون، جن کان اڳي دنيا اڻ ڄاڻ هئي، انهن چالن ۾ بچائي رکيل فوج هٿان حملو ڪرائڻ به شامل آهي. هو نه فقط هڪ جنگي ماهر هو پر انهيءَ سان گڏوگڏ هڪ سٺو منتظم پڻ هو. هن مناسب هنڌن تي فوجي ڇانوٽيون ٺهرايون ته جيئن پوئين علائقن جو بچاءُ ڪري سگهجي. هن پنهنجي فتحن کي مضبوط ڪيو ۽ فتح



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيل علائقن ۾ عام ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ اهڙا زرعي ۽ ٻيا سڌارا ڪيائين. جن مسلمانن کي مقامي ماڻهن ۾ سندن اڳين ايراني جاگيردار آقائن جي مقابلي ۾ مقبول ڪري ڇڏيو.

رومين خلاف ويڙهه ۾ خالد بن وليد ۽ سندس لشڪر جنهن تيزيءَ سان عراق ۽ شام جي وچ وارو بي واٽو بٽ ۽ اٽانگو ريگستان پار ڪيو سو موجوده تاريخ ۾ دليري جي داستانن مان هڪ ليکجي ٿو. هن پنجن ڏينهن ۾ اهو ريگستان پار ڪيو ۽ جنهن بلنديءَ تي هو وڃي بيٺو هو تنهن کي اڃا تائين "ثانيه العقاب" (عقاب جو لنگهه) سڏجي ٿو. شام ۾ رومين خلاف ويڙهه ۾ خالد کي گڏيل مسلم فوج جي ڪمان سنڀالڻ لاءِ عراق کان گهرايو ويو هو. رومين جي لشڪر جو تعداد ٻه لک چاليهه هزار هو جڏهن ته مسلمان فقط چاليهه هزار هئا. يرموڪ جي جنگ ۾ هن يادگار فتح کان پوءِ سڄو شام مسلمانن جي پيرن هيٺيان اچي ويو. هن يادگار جنگ ۾ خالد اعليٰ فوجي مهارت، غير معمولي بهادري ۽ بي مثال فوجي چالون ڏيکاريون.

سيف الله خالد بن وليد هيمس ۾ 21 هجري 642ع ۾ وفات ڪري ويو. اهڙي طرح سوين لڙاين جو سورمو شهادت ماڻڻ جو شوق پورو ڪرڻ کان سواءِ فوت ٿي ويو. مرڻ گهڙي هن جي زبان تي هو "افسوس مان بيشمار لڙايون ڪيون ۽ منهنجي جسم تي لڙاين جا بيشمار داغ آهن، پر مون کي شهادت جي سعادت نصيب نه ٿي".

فلپ کي هٽي پنهنجي ڪتاب "عربن جي تاريخ" ۾ لکيو آهي ته، "خالد بن وليد ۽ عمر بن العاص عراق، ايران، شام ۽ مصر ۾ جيڪي جنگيون ڪيون، سي جنگي تاريخ جي انهن جنگين مان ليکجن ٿيون، جيڪي وڏ ۾ وڏ هوشياري سان وڙهيون ويون آهن ۽ انهن کي سولائيءَ سان نيپولين، هنيبال يا سڪندر جي ڪيل جنگين سان ڀيٽي سگهجي ٿو".

سنڌيڪار: محمد بخش سومرو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سعد بن وقاص

وفات 50ھ مطابق 670ع



حضرت سعد ابن وقاص، اسلام جي پيغمبر ﷺ جي آڳاٽن ۽ معتبر ترين اصحابن مان هڪ هو جنهن عراق ۽ ايران فتح ڪيو. هي عظيم عرب سپهه سالار 17 سالن جي ننڍڙي ڄمار ۾ مسلمان ٿيو هو. هو پيغمبر ﷺ جي انهن ڏهن اصحابن مان هو جن کي سندن زندگي ۾ ئي بهشت جي بشارت ڏني وئي هئي.

حضرت سعد هڪ مشهور جنگجو ۽ سپهه سالار هو جنهن بدر ۽ احد جي لڙاين ۽ انهن کان پوءِ وارين مهمن ۾ مکيه ڪردار ادا ڪيو. خالد بن وليد جي شام وڃڻ کانپوءِ مسانه الحرا (عراق) ۾ مسلم فوجن جي مهنداري سنڀالي ۽ ڏينهون ڏينهن ايرانين جي وڌندڙ تعداد کي منهن ڏيڻ لاءِ وڏيڪ فوجن جي گهر ٿي ته مديني ۾ هڪ وڏي فوج گڏ ٿي وئي ۽ اسلام جي ٻئي خليفي عمر رضہ انهيءَ فوج جي پاڻ اڳواٽي ڪرڻ پئي چاهي. مديني ۾ وڏو جوش ۽ جذبو پيدا ٿي ويو هو پر سندس ساٿين ڪيس جهليو ته هو پاڻ نه وڃي، ڇو ته گادي ۾ مرڪزي اقتدار جو برقرار رهڻ ضروري هو. آخرڪار مکيه ڪمان سنڀالڻ لاءِ سعد بن وقاص کي چونڊيو ويو. عراق واري جنگ جي سموري رٿابندي خليفو پاڻ ڪندو هو جنهن کي روزمره جي فوجي صورتحال کان باخبر رکيو ويندو هو.

پيغمبر ﷺ جو پروسي جوڳو اصحابي سعد ابن وقاص، جنهن کي مسلمان وڏي عزت ڏيندا هئا. ويهه هزار مسلمانن جي فوج وٺي روانو ٿيو. سعد قادسيه طرف وڌيو جتي مشهور ايراني سپهه سالار رستم جي هٿ هيٺ ايراني فوجن جي مضبوط ڇانوڻي قائم هئي. ايرانين پاڙيسري مسلم علائقن کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پئي پريشان ڪيو. قادسيہ ۾ سيپٽمبر 637ع جي اونهاري ۾ هڪ يادگار لڙائي لڳي، جيڪا ڪيترن ئي ڏينهن تائين جاري رهي. مسلمان سپاهي سچن پچن سورمن جيان وڙهيا ۽ بهادري جا ايڏا تہ جوهر ڏيکاريائون جو دشمن بدحواس ٿي وٺي ڀڳا. بيماري جي ڪري سعد پاڻ تہ انهي جنگ ۾ وڙهي نہ سگهيو پر هڪ هوشيار ۽ ماهر جنگجو جي حيثيت ۾ جنگ واري ميدان جي پر ۾ هڪ گهر جي ڇت تي ويهي لڙائيءَ جي ڪمان ڪيائين.

انهي جنگ ۾ مسلمانن پهريون دفعو هاٿين جي فوج سان منهن ڏنو هو ۽ انهن ڪارڻ ديون ڪي ڏسي عربن جا گهوڙا ڏاڍا ٿهيا پئي. مسلم فوج ڪي وڏو نقصان پهچي رهيو هو. اهو ڏسي سعد هاٿين تي نيزن سان حملي ڪرڻ جو حڪم ڏنو. هن جي حڪم مطابق عربن هاٿين تي نيزن سان سخت حملو ڪيو ۽ ڪين پوئتي ڌڪي ڇڏيو.

ايراني سخت نقصان سهڻ ۽ پنهنجي سپهہ سالار جي مارجي وڃڻ کان پوءِ وٺي اتر طرف ڀڳا. قادسيہ جي جنگ عملي طور ايران جي قسمت جو فيصلو ڪري ڇڏيو. سعد هاڻي سڄي عراق جو مالڪ بڻجي ويو.

مدائين، دجلہ ندي جي ڪناري تي قائم هو. اهو درياءُ مسلم ۽ ايراني فوجن جي وچ ۾ وهي رهيو هو. نديءَ جي ڪناري تي پهچي سعد ڏٺو تہ ايرانين پل اڏاري ڇڏي. اهو ڏسي هن پنهنجو گهوڙو چاڙهہ ۾ آيل درياهہ ۾ لاٿو. هن جي لشڪر بہ سندس پيروي ڪئي، پنهنجون صفون ٻيڻ بنا، ٿوري دير ۾ اڪري پار پيا. ايراني اهو نہ ٽيڻ جوڳو ڪارنامو ڏسي رڙيون ڪرڻ لڳا: ”راڪاس اچي ويا“ ۽ هراس ۾ وٺي ڀڳا. مدائين تي قبضي ٿيڻ کان پوءِ دجلہ ندي جي اولهہ واري سڄي ملڪ مسلمان جي آڻ مڃي. مسلمان خسرو جي محل اندر سعد جي امامت ۾ شڪراني جي نماز ادا ڪئي. عراق جي سول توڙي فوجي گورنر سعد مدائين کي پنهنجي گادي جو هنڌ مقرر ڪيو. هن ڏاڍي قابليت سان فتح ٿيل ملڪ جو انتظام هلايو. ايراني بادشاهہ مدائين تي ٻيهر قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن هڪ وڏي فوج موڪلي، جنهن پنهنجو تمام گهڻو نقصان ڪرائي شڪست کاڌي.

سعد جي گورنري جي ڏينهن ۾ ڪوفي جي ”عرب ڇانوڻي“ جو بنياد پيو. جيڪو جلد ئي هڪ اهم، خوشحال شهر، فوجي ۽ ادبي مرڪز بڻجي ويو. اسلام جي ٻئي خليفي پنهنجي مرڻ گهڙيءَ جن ڇهن اصحابن مان هڪڙي کي خليفي چونڊڻ لاءِ نامزد ڪيو هو تن ۾ سعد بہ شامل هو. اسلام جي ٽئين خليفي حضرت عثمان ڪيس وري ڪوفي جو گورنر مقرر ڪيو.

سعد ابن وقاص حضرت علي جي خلافت جي ڏينهن ۾ عقيق ۾ وڃي رهيو جتي پنجاهہ هجري تائين رٽائرڊ ۽ پرامن زندگي گذاري فوت ٿي ويو. وفات وقت سندس عمر 70 سال هئي. ڪيس مديني منوره ۾ دفن ڪيو ويو.

سنڌيڪار: محمد بخش سومرو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# صلاح الدين ايوبي

1138ع_1193ع



عيسائيت جي پوپ عربن ثاني پوري يورپ کان صليب جي نالي تي اپيل ڪئي تہ بيت المقدس کي مسلمانن کان کسي خود ان جا مالڪ ٿي وڃو. پوپ جي انهيءَ اپيل تي صليب بردار يورپي فوجون 1096ع ۾ بيت المقدس تي چڙهائي ڪري آيون. انهن فوجن ٻارڙن، پوڙهن ۽ جوانن کي بنا ڪنهن فرق جي قتل عام ڪيو. شهرن جون گهٽيون ۽ رستا انهن بيگناهہ مسلمانن جي خون سان رنگين ٿي ويا هئا. هر هنڌ لاشن جا ڍير لڳل هئا ۽ شهيدن جو تعداد ستر هزارن جي لڳ ڀڳ هو.

ٿورڙي عرصي کان پوءِ وري هن شهر جا درو ديوار هي منظر ڏسي رهيا هئا جو عظيم سپهہ سالار صلاح الدين ايوبي جي قيادت ۾ مسلمانن جي فوج خون جو هڪڙو ڦڙو وهائڻ کان سواءِ بيت المقدس کي فتح ڪري ورتو. ڪنهن بہ عيسائيءَ سان ذري برابر بہ زيادتي نہ ڪئي وئي. ڪيترا سارا عيسائي شهري بيت المقدس ۾ اهڙا بہ هئا، جيڪي فديو ادا نہ پئي ڪري سگهيا تہ رحمدل مهربان حڪمران صلاح الدين ايوبي انهن جو فديو معاف ڪري ڇڏيو. ڪيترين ئي اهڙيون عيسائي عورتون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اچي هن فاتح بيت المقدس جي سامهون روئڻ لڳيون، جن جا مڙس يا پيئر قتل يا قيد ٿي ويا هئا. تہ هي بهادر حڪمران پاڻ بہ روئي ويٺو هو ۽ انهن عورتن جي عزيزن کي نہ صرف آزاد ڪري ڇڏيائين، بلڪ انهن جي مالي مدد بہ ڪيائين.

عالم اسلام جي هن عظيم جرنيل 1138ع ۾ دجلا جي ڪناري تي واقع هڪ ڳوٺڙي "تڪريت" ۾ جنم ورتو جيڪو بغداد کان نوي ميل پري عراق جي اترئين سرحد جي ويجهو هو.

سلطان عمادالدين زنگي ڪانپوءِ سلطان نورالدين زنگي اقتدار جون واڳون سنڀاليون، جنهن جي تيز نظرن صلاح الدين ايوبي جي صلاحيتن کي تاڙي ورتو ۽ 1164ع ۾ ڪيس پنهنجي چاچي اسدالدين شير ڪوهہ سان گڏ فتحن جي مهمن تي روانو ڪيو. پنجن سالن کان پوءِ صلاح الدين کي مصر جو وزير مقرر ڪيو ويو جيڪو مصر ۾ فاطمي خليفي جي انتقال کان پوءِ خودمختيار حڪمران ٿي سامهون آيو.

يارهين صدي عيسوي جي آخري ڏهاڪي ۾ عيسائي فوجون بيت المقدس تي قابض ٿي چڪيون هيون ۽ ٻارهين صدي عيسوي جي ستين ڏهاڪي ۾ صلاح الدين ايوبي عيسائين جي قبضي خلاف جهاد جو آغاز ڪيو. نورالدين زنگي 1174ع ۾ وفات ڪري چڪو هو ۽ بعد ۾ اقتدار جون واڳون صلاح الدين ايوبي جي حوالي ٿيون. صلاح الدين ايوبي جي لاءِ قبلئہ اول جي آزادي جو مسئلو زندگيءَ جي اهم مقصد طور آڏو هو. هن بيت المقدس جي آزاديءَ لاءِ ابتدائي طور تي 1177ع ۾ فلسطين جو رخ ڪيو ۽ 1187ع تائين عيسائي فوجن سان سندس ويڙهہ جا ڇتا معرڪا ٿيندا رهيا. عيسائي فوجن جي مدد جي لاءِ توڙي جو سڄي يورپ مان لشڪرن جا جٿن پٺيان جٿا ايندا رهيا، ان هوندي بہ جهاد جي جذبي سان سرشار هن سپهہ سالار آخرڪار بيت المقدس تان صليبي تسلط کي ختم ڪري ورتو. بيت المقدس تي مسلمانن جي قبضي جي خبر ٻڌندي ئي پوري يورپ ۾ وٺ وٺان ٿي وئي، شام جي اسقف اعظم وليم صوري راهبن جو ٽولو وٺي ماتمي لباس ۾ روم پهچي دانهيو. روم جي پوپ فتويٰ ڏني تہ جيڪو شخص بيت المقدس جي واپسيءَ جي جنگ ۾ شريڪ ٿيندو ان جا سڀ گناهہ ڌوپي ويندا، ۽ جيڪو هن خير جي ڪم ۾ حصو نہ وٺندو اهو مسيحت کان خارج ٿي ويندو. فرانس، انگلستان، جرمني پنهنجا اختلاف وساري فوجون ڪٺيون ڪيون، سڀ کان پهريون جرمني مان فريڊرڪ هڪ لک سپاهي وٺي شام جي طرف روانو ٿيو. انگلستان جو رچرڊ ۽ شام جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاهه فلپ پنهنجا وڏا لشڪر وٺي صور جي بندرگاهه تي لٿا. 28 آگسٽ 1189ع کان وٺي مسلسل ٽن سالن تائين هڪ سئو کان وڌيڪ لڙايون ۽ نو وڏا معرڪا ٿيا. هي وچئين دور جي سڀ کان وڏي فوجي مهم هئي، جنهن ۾ پوپ جي ڪيترن ملڪن کان عيسائين کي مسلسل فوجي سگهه پهچندي رهي. 1192ع ۾ رچرڊ بيت المقدس تي فوج ڪشي جي ڪوشش ڪئي، پر ڪامياب نه ٿي سگهيو. آخرڪار 3 سيپٽمبر 1192ع تي رچرڊ ۽ صلاح الدين جي وچ ۾ صلح ٿيو جنهن ۾ عڪ کان ياف جو علائقو رچرڊ جي ڀاٽيجي هينري کي مليو جڏهن ته عسقلان کان ڏکڻ جي ساحلي علائقي تائين يعني شام، مصر، فلسطين تي صلاح الدين جي حڪمراني قائم ٿي. عيسائين کي بيت المقدس جي زيارت جي اجازت ڏني وئي. اهڙي طرح پوري فلسطين تي اسلام جو جهنڊو ڦڙڪڻ لڳو. سلطان صلاح الدين هاڻي بيت المقدس تي ڀرپور توجهه ڏنو ۽ مقدس شهر جي انتظامن کي مستحڪم بنائڻ کان پوءِ دمشق هليو ويو.

سلطان صلاح الدين کي شام، مصر، فلسطين جهڙا زرخيز علائقا حڪمراني ۾ مليا. ڪيس زندگيءَ ۾ ڪيترائي شاهاڻا نٽ ٺانگر ڪرڻ جا موقعا ميسر آيا، ليڪن هن هميشه سادگي اختيار ڪئي. پنهنجي پٺيان ڪو به محل يا جاگير نه، بلڪ صرف هڪ دينار ۽ سٽيتاليهه درهم ڇڏيائين. سندس زندگيءَ جو وڏو حصو صليبين خلاف جهاد ڪندي گذريو تنهن هوندي به پنهنجي حڪومت واري دور ۾ عام ڀلائيءَ جا ڪيترائي ڪم ڪيائين. هن قاهره کي وسعت ڏني، سوين مدرسا ۽ تفريح گاهون قائم ڪيون. شهر جي ويجهو مقطم جي مغربي پهاڙين تي هڪ قلعي تعمير ڪرڻ جو منصوبو تيار ڪيائين، جنهن کي بعد ۾ سندس ڀائٽي مڪمل ڪرايو.

4 مارچ 1193ع تي سندس انتقال ٿيو ۽ ساڳي ڏينهن عصر نماز کان پوءِ عالم اسلام جي هن بهادر فرزند کي دمشق جي قلعي جي باغ ۾ مٽيءَ حوالي ڪيو ويو.

مرتب: نور احمد ميمڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# چنگيز خان

1162ـ1227ع



منگول فاتح تموجن ”چنگيز خان“ جو لقب اختيار ڪيو جنهن جي معنيٰ آهي ”عالمگير حاڪم.“ چنگيز خان سڄي دنيا کي فتح ڪرڻ جا جيڪي خواب پئي لڌا سي ذري گهٽ پورا ٿيا. هو پنهنجي وفات وقت هڪ اهڙي ايشيائي شهنشاهيت جو مالڪ ٿي چڪو هو جيڪا پيڪنگ کان سمرقند تائين پکڙيل هئي. سندس جانشين انهيءَ وسيع بنياد کي ڪم آڻيندي منگول شهنشاهيءَ جون حدون اوڀر ۾ چيني سمنڊ تائين ۽ اولهه ۾ سوئيڊن، پولينڊ، هنگري ۽ بازنطيني شهنشاهيءَ جي سرحدن تائين وڌائي ڇڏيون.

چنگيز خان ڪيرائيٽ جي سردار جو غلام هو. انهيءَ سردار کي اتر چين جا چن شهنشاهه پنهنجي اترين سرحد تي وڙهندڙ منگول قبلين مان مکيه ماڻهو ڪري ليکندا هئا. هن گهڻين خونريز لڙاين کان پوءِ پاڻ کي ڪيرائيٽ جو مالڪ بڻائي ڇڏيو ۽ جلد ئي ڪيس هڪ اهڙو اڳواڻ مڃيو ويو جيڪو جنگجو قبيلن کي متحد ڪري پئي سگهيو.

منگول اميرن جي ڪارلتاءِ يا جنرل اسيمبلي 1206ع ۾ کيس پنهنجو اڳواڻ چونڊيو. انهيءَ اسيمبليءَ ۾ ئي هن ” چنگيز خان“ جو لقب اختيار ڪيو. ساڳئي ئي وقت ماڻهن کي هڪ اهڙي تنظيم ۾ سلهاڙي تحرڪ ۾ آڻي ڇڏيائين، جنهن قبيلائي سماج جي طاقتن جو ڀرپور فائدو ورتو ۽ سندس ڪمزورين کي نظر ۾ رکيو. جنگجو ماڻهن کي ڏهه، سئو هزار ۽ ڏهه هزار جي جٿن ۾ ورهايو ويو. انهن جٿن جا ماڻهو ۽ سندن آڪهون صلح توڙي جنگ جي زماني ۾ پنهنجن آفيسرن جي هٿ هيٺ هوند هئا. مکيه ڪمانڊر چنگيز خان جا شخصي دوست هوندا هئا ۽ سندس سينيئر زيردست عام طور سندن پنهنجا ئي ويجها هوندا هئا. بعد ۾ سڄي لشڪر مان چونڊ ماڻهو ڪڍي شهنشاهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دستو ناهيو ويو جنهن جو هر ماڻهو 1000 ماڻهن جي جٿي واري ڪمانڊر ڪان بہ عهدي ۾ وڏو هوندو هو.

منگولن جي رهڻي ڪهڻي بہ ويڙهاڪن واري هوندي هئي. مرد وڙهڻ يا شڪار ڪرڻ مهل ڪمان هٿ ۾ ڪٽي گهوڙي سواري ڪندا هئا ۽ سندن عورتون ۽ ٻار خيمن ۾ رهندا هئا. جڏهن اهي نون چراگاهن جي ڳولا ۾ نڪرندا هئا تہ ڳاڏن ۾ رهندا هئا. انهن خانہ بدوش شڪارين وٽ هاڻي هڪ اهڙي تنظيم هئي، جيڪا ٻيا ملڪ فتح ڪري ٿي سگهي. انهيءَ زماني ۾ چين ٽن رياستن سيسيا، چن ۽ ڏکڻ سنگ ۾ ورهايل هو. ڪجهہ چيني آفيسرن چنگيز خان تي ٻنا در چن تي حملي ڪرڻ لاءِ زور ڀريو. منگولن پيڪنگ ۾ قرلت ڪئي ۽ اتان جي عوام جو قتل عام ڪيائون. پر چن ايندڙ پندرنهن سالن تائين مقابلو ڪندو رهيو.

انهيءَ وچ ۾ چنگيز خان اولهہ طرف پامير جبلن ۽ اوڪس نديءَ ڏانهن ڪاهي ويو. ڪاراختائي جهڙي وڏي بادشاهت سندس آڻ مڃي ۽ انهيءَ ڪان پوءِ ڪئسپين سمنڊ تائين پکڙيل خوارزمي شهنشاهيت بہ هن فتح ڪري ورتي. سندس فوجن ڪي جارجيا، ڪريميا ۽ يوڪرين ۾ فتح نصيب ٿي. سمرقند ۽ بخارا جا عظيم اسلامي ثقافتي مرڪز هن جي شهنشاهيت ۾ صوبائي شهر بڻجي پيا. اويرندي پاسي منچوريا ۽ ڪوريا کي بہ شهنشاهيءَ ۾ شامل ڪيو ويو جيڪي ٽي هزار ميل پري هيون. هي فاتح سٺ سالن جي ڄمار ۾ مهم جوئي دوران مري ويو.

ڌرتيءَ جي ايڏي وڏي حصي تي ايتري ٿوري وقت ۾ منگول فوجن جيڪا فتح ماڻي سا تاريخ جي ڪارنامن مان هڪ وڏو ڪارنامو ليکجي ٿي. منگولن جي سڄي آدمشماري اٽڪل ڏهہ لک ڪن هئي، جيڪا چيني شهر هينگچو جي آدمشماري ڪان ٿورڙي وڌيڪ هئي. پر انهن ايتري گهٽ تعداد ۾ هئڻ جي باوجود ايڏو وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو. انهيءَ ۾ شڪ ناهي تہ منگولن منظم طريقي سان جيڪو قتل عام ڪري ڌهڪاءُ پکيڙيو هو تنهن مخالفن جا حوصلا خطا ڪري ڇڏيا هئا. پر اسان کي اهو نہ وسارڻ گهرجي تہ سندن ايڏي وڏي ڪاميابيءَ ۾ انهيءَ ڪان بہ وڌيڪ ٽن اهم ڳالهين جو هٿ هو: هڪ تہ اهي گهوڙي سواري ۾ ڀڙ هئا، ٻيو تہ چنگيز خان هڪٻئي سان رابطي وارين حڪمت عمليون جوڙيون هيون ۽ ٽيون تہ اهي حملي ڪرڻ ڪان اڳ، پنهنجي دشمن جي فوجي، سياسي ۽ اقتصادي حالتن جي پوري ڄاڻ حاصل ڪري پوءِ حملو ڪندا هئا.

پنهنجي ماڻهن ۾ چنگيز خان انصاف پسند حاڪم ۽ عقل جو ڀنڊار ڪري ليکيو ويندو هو. هو دوستن سان وفادار ۽ دشمنن لاءِ بيرحم هوندو هو. هن "ياسا" نالي هڪ قانوني ضابطو جوڙي ريتن رسمن کي انهيءَ قانوني ضابطي ۾ آندو. نوان قانون ٺاهيائين ۽ اخلاقي نظريا جوڙيائين. هڪ فاتح جي حيثيت ۾ هن نہ صرف ايشيا جي ترڪ ـ منگول ماڻهن کي متحد ڪيو پر هڪ قبائلي ڦورو مان ٻاڻ کي هڪ شهنشاهہ بڻائي ڇڏيائين.

سنڌيڪار: محمد بخش سومرو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# فاتح عالم تيمور

1336_1405ع



نيپولين پنهنجي فوج سان اٽانگي آلپس جبل تي چڙهندي چيو هو "ناممڪن جو لفظ بيوقوفن جي لغت ۾ هوندو آهي." پر هو پنهنجو اهو اعتماد برقرار رکي نہ سگهيو ۽ ليپزگ ۽ واٽرلو ۾ شڪستن کائڻ کان پوءِ کيس مڃڻو پيو تہ لغت ۾ اهو لفظ موجود آهي.

پر هن کان گهڻو اڳي ايشيا جو عظيم فاتح تيمور هن لفظ کي رد ڪري چڪو هو. هو مسڪينيءَ مان مٿي چڙهيو هو ۽ پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجي زماني جي ٽن سڀ کان سگهارن حاڪمن کي مات ڏني هئائين. اهي سگهارا حاڪم هئا: توڪتامش منگول ۽ بايزيد ترڪ. هن کي ايشيا توڙي يورپ ۾ سڀ کان طاقتور مڃيو ويو. هن پنهنجي اجيت قوت ارادي بي مثال فوجي مهارت ۽ دليريءَ کان ڪم وٺي ڪيترائي ناممڪن ڪم، ممڪن ڪري ڏيکاريا. هن جا همعصر سندس ڪارنامن کي انساني طاقت کان چڙهيل ڪم سمجهندا هئا.

وسيع روسي ميدانن نيپولين ۽ هٽلر جي فوجن کي ٽڪائي چور ڪري ڇڏيو هو. اهي ميدان دنيا جي ڪن عظيم ترين لشڪرن لاءِ قبرستان ثابت ٿيا هئا. سواءِ چنگيز خان جي تيمور شايد واحد فاتح هو جنهن اوير ۾ پئسفڪ جي ڪنارن کان وٺي اولهہ ۾ ڊان جي



Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنارن تائين وسيع ميدان پنهنجي پيرن هيٺان لتاڙيا هئا ۽ چنگيز خان جي جانشين منگول شهنشاهه جي طاقتور فوجن کي شڪست ڏني هئائين. تيمور جن طاقتور لشڪرن کي مات ڏني هئي، خود چنگيز خان به اهڙن طاقتور لشڪرن کي شڪست نه ڏني هئي.

تيمور جي زماني ۾ ڇهن گهراڻن جون حڪومتون قائم هيون. سائيبيريا جي طاقتور منگول خان جي حڪومت، طاقتور عثماني ترڪن جي حڪومت، مصر جي اجيت ميملوڪن جي حڪومت، چين جي وڏي خان جي حڪومت ۽ بغداد ۽ دهلي جي مسلمانن حاڪم جون حڪومتون. هن انهن مان پنجن کي شڪست ڏني ۽ چين جي وڏي خان جي مقابلي لاءِ وڃي رهيو هو جو موت رستي ۾ اچي ڪيس رسيو جنهن ڪري هو پنهنجو آخري مقصد حاصل ڪري نه سگهيو.

تيمور اڳيان سيزر، هنيال، نيپولين ۽ بسمارڪ جهڙن فاتحن جون شخصيتون ڦڪيون ۽ معمولي ٿيون لڳن. دنيا جيتيندڙ جي حيثيت ۾ فقط سڪندراعظم ۽ چنگيز خان ئي هن جي پائي جا هئا، پر هڪ لحاظ کان هو هنن ٻنهي کان مٿانهون به هو. سڪندر ۽ چنگيز خان کي پنهنجن فتحن دوران گهٽ مضبوط فوجن سان مقابلو ڪرڻو پيو هو جڏهن ته تيمور جي مقابلي ۾ پنج طاقتور بادشاهيون هيون.

منڍ ۾ هو معمولي حيثيت جو هڪ شريف ماڻهو هو جنهن وٽ فاتح پيدا ڪندڙ وچ ايشيا جي سرزمين ۾ ٿورو چوپايومال ۽ ڪجهه زمين هئي. هو سڪندر وانگر نه ته ڪنهن بادشاهه جو پٽ هو ۽ نه وري چنگيز خان وانگر ڪنهن سردار جو وارث. فاتح سڪندر وٽ منڍ کان ئي پنهنجا ماڻهو يعني مقدوني هئا. اهڙي طرح چنگيز خان وٽ به منگول هئا پر تيمور پاڻ ئي پنهنجا ماڻهو ڪٺا ڪيا.

هو ٿورو ـ ڳالهائو نوجوان هو جنهن کي چسائي نه وڻندي هئي ۽ جيڪو پنهنجي سڄي زندگيءَ ۾ ڪڏهن به ڪنهن پوڳ تي نه کليو هو. هن الجائي خاتون آغا نالي هڪ خوبصورت عورت سان شادي ڪئي.

تيمور هڪ بهادر ۽ سياڻو نوجوان هو. هن جنگجو تاتاري قبائلين کي متحد ڪيو. پنهنجي شروعاتي زماني ۾ گرين شهر فتح ڪرڻ لاءِ هن هڪڙي ڪيڏ ڪيڏي چا ڪيائين جو پنهنجو ننڍڙو لشڪر چوڌاري پکيڙي ڇڏيائين، جنهن تارين ڪپي هيٺ اڇلايون. تارين اڇلائڻ ڪري گهٽي دز اٿي ۽ قلعي تي پهرو ڏيندڙ جتا اهو سمجهي پيش پيا ته ڪنهن وڏي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لشڪر متن ڪاهه ڪئي هئي.

تيمور جي قسمت ۾ لکيل هو ته هو دنيا جي عظيم ترين فاتحن مان ليکجي. هو ڪنهن جي به پاسخاطري نه ڪندو هو ۽ فقط ذهين ۽ بهادر ماڻهن کي پسند ڪندو هو. هن کي يقين ٿي ويو هو ته جتن ۽ منگولن جي خطري کان پاڻ بچائڻ جو بهترين طريقو هو اِگرائي ڪرڻ.

تاتارين جي سردار مقرر ٿيڻ کان سِتت ئي پوءِ تيمور فتحن جو هڪ اهڙو شاندار سلسلو شروع ڪيو جنهن جو دنيا جي تاريخ ۾ ڪو مثال نه ٿو ملي. هن هرات جهڙو اهم شهر فتح ڪيو جنهن ۾ اڍائي لک ماڻهو رهندا هئا. جتي سوين تعليمي ادارا قائم هئا ۽ جنهن ۾ ٽن هزارن کان به مٿي غلسخانا ٺهيل هئا.

تيمور نه فقط دنيا جي عظيم ترين فاتحن مان هو پر انهيءَ سان گڏوگڏ هڪ وڏو منتظم، فن ۽ علم جو نمايان سرپرست به هو. هن پنهنجي اباڻي شهر سمرقند کي عمارتن، گنبذن، باغن، سبز ميدانن ۽ ويڪرن رستن سان سينگاري ڇڏيو. هن ٽن مهينن ۾ سمرقند جي عاليشان مسجد اڏرائي. سمرقند کي پنهنجي زندگيءَ ۾ فن ۽ علم جو مرڪز بڻائي ڇڏيو ۽ اهو اوير جو روم ٿي پيو. هن انهيءَ شهر ۾ دنيا جي سمورن حصن مان فن ۽ علم جا خزانا آڻي ڪٺا ڪيا، جن ۾ هنرمند، فنڪار، عالم ۽ هر قسم جا ذهين ماڻهو شامل هئا.

تيمور کي ڪا به ناڪامي نه ٿي. هو هڪ غريب گهراڻي ۾ پيدا ٿيو ۽ پنهنجي زماني جو سڀ کان طاقتور ماڻهو ۽ سڀني زمانن جي عظيم ترين جيتيندڙن جي مرتبي تائين وڃي پهتو. "يورپ وارن جي نظر ۾" هڪ مغربي مورخ چوي ٿو: "تيمور جو شان و شوڪت غيبي ۽ سندس طاقت جنائتي هئي".

ليرولڊ ليمب سندس عظمت مڃيندي چوي ٿو: "تيمور کان پوءِ ٻئي ڪنهن به ماڻهو دنيا کي زير ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي. هن اهو سڀ ڪجهه حاصل ڪيو جيڪو سڪندر حاصل ڪري سگهيو هو. هو عظيم فاتحن مان آخري فاتح هو. انهيءَ ڳالهه جو ڪو امڪان ڪونهي ته ڪو به ماڻهو تلوار جي زور تي وري هن جهڙي طاقت حاصل ڪري سگهندو. جيڪڏهن اڄ اوهان سڄي ايشيا ۾ گهمي ڏسندا ته اتي ماڻهو توهان کي ٻڌائيندا ته ٽن ماڻهن دنيا فتح ڪئي: "سڪندر، چنگيز خان ۽ تيمور".

سنڌيڪار: محمد بخش سومرو



Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# دولھہ دريا خان

وفات_1520ع



سنڌ جو سورهيہ دريا خان ذات جو ڪير هو يا سندس واسطو ڪهڙي ڪڙم قبيلي سان هو؟ ان باري ۾ گهٽ معلومات ملي ٿي. ڪن روايتن مطابق سندس اصل نالو ”قبوليو“ هو پوءِ جڏهن هو ڄام نندي جو ملازم ٿيو تہ سندس نالو ”دريا خان“ رکيو ويو.

دريا خان ڄام نندي جو ملازم ڪيئن ٿيو اها ڳالهہ بہ اسان تائين صرف روايتن جو آڌار تي پهتي آهي. بهرحال ڪيئن بہ هجي، دريا خان جلد ئي پنهنجي صلاحيتن آڌار ڄام نندي وٽ پنهنجي حيثيت مڃرائي ورتي ۽ ڏينهون ڏينهن سندس مان مٿانهون ٿيندو ويو ايتريقدر جو اڳتي هلي ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي آخري ڏينهن ۾ پنهنجي پٽ ڄام فيروز جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هوندي بہ حڪومت جون ذميواريون دريا خان جي حوالي ڪيون.

سنڌ جو بادشاهہ ۽ دريا خان جو اعليٰ سرپرست ڄام ننڊو هڪ انتهائي طاقتور بادشاهہ هو. مضبوط ۽ طاقتور هوندي بہ هميشہ امن واري پاليسي جاري رکيائين. ان دؤر ۾ سبي سنڌ جو هڪ اهم فوجي، سرحدي ۽ سياسي مرڪز هو. سنڌ جي حڪومت هن شهر تي بهادر خان کي پنهنجو گورنر ۽ فوجي ڪمانڊر مقرر ڪيو. ان دؤر ۾ هرات جي بادشاهہ کي راضي ڪرڻ لاءِ قنڌار شهر جي ارغون والي، سنڌ جي شهر تي حملي ڪرڻ جي رٿا جوڙي، ڇو تہ اتان جي واپارين قنڌار جي گورنر جا ڪن ڀريا تہ سبي شهر جي آس پاس سنڌي ماڻهو اسان جي قافلن کي ڦريندا رهن ٿا. انهن شڪايتن جي آڙ وٺي ارغون گورنر پنهنجي پٽ شاهہ بيگ کي وڏو لشڪر ڏئي سنڌ تي ڪاهہ ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو. 1485ع ۾ ارغون سپاهہ ۽ سنڌي لشڪر ۾ جنگ ڇڙي پئي. ٻہ سال جنگ جاري رهڻ ڪانپوءِ بهادر خان شڪست کائي واپس سنڌ جي تخت گاهہ موٽيو. شاهہ بيگ ارغون سبيءَ تي قبضي بعد پنهنجي ياءُ کي گورنر بنائي پاڻ قنڌار ڏي واپس ٿيو.

سنڌ جو بادشاهہ ڄام ننڊو هڪ امن پسند بادشاهہ هو پر جڏهن صورتحال ان حد تائين خطرناڪ ٿي وئي. دشمن علائقا ڦبائڻ لڳو تڏهن مات ڪري ويهڻ بزدلي ليکي وجي ها. ڄام ننڊي وزيرن جي ڪائونسل سڏائي، انهن سان صلاح مشورا ڪيا. آخرڪار ارغونن کي سيڪت ڏيڻ لاءِ اهم فيصلا ڪيا ويا ۽ دريا خان کي سپهہ سالار مقرر ڪري، هڪ وڏي لشڪر سان هن اهم فوجي مهم تي موڪليو ويو.

اتي پهچندي ئي نوجوان سپهہ سالار دريا خان وڏي رٿا، حڪمت عملي ۽ عقلمنديءَ سان ارغونن خلاف جنگ ڇيڙي ڇڏي. سندس بهادريءَ وارين ڪوشش نيٺ رنگ لاتو ارغونن کي شڪست ملي ۽ سبي شهر تي سنڌ جي حاڪم جو اختيار بحال ٿي ويو. انهيءَ لڙائيءَ ۾ سبيءَ جو ارغون گورنر ابوالحمد مرزا عرف سلطان محمد پڻ قتل ٿي ويو جيڪو شاهہ بيگ ارغون جو ياءُ هو.

هن تاريخي سوڀ سان ڄام ننڊي وٽ دريا خان جو ماڻ مرتبو اڃا بہ وڌي ويو. اديبن ۽ لوڪ قصن لکندڙن هن فتح کي سبي نہ پر خود قنڌار جي فتح ڪري پيش ڪيو.

آخرڪار ڄام ننڊي دريا خان کي حڪومت ۾ مٿانهين درجي تي پهچايو. ان طرح کيس اميرالامراءُ، وزيراعظم، ڪمانڊر انچيف ۽ خان الاعظم جا عهدا ۽ لقب ڏنا ويا. اهوئي موقعو هو



Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو ڄام دريا خان کي پنهنجو پٽيلو بہ سڏيو جو اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ ڄام نندي کيس گود جي ٻار جي حيثيت ۾ نپايو ۽ وڏو ڪيو هو.

مختلف ڪتابن ۾ دريا خان جي عشق ۽ شاديءَ جو قصو هن طرح بيان ٿيل آهي تہ سندس عشق "همون" نالي ڇوڪريءَ سان ٿيو جا ذات جي راڻوڙ هئي. راڻوڙن جو اهو قبيلو ٿرپارڪر ضلعي جهڏي ڳدام طرف رهندو هو. اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ انهيءَ شادي جي ڪري ئي دريا خان ۽ ڄام نندي جي راڻي "مدينا" ۾ وڏي دشمني پيدا ٿي پيئي.

جڏهن ڄام نندي جي وفات جو وقت ويجهو آيو تہ پاڻ وڏي سوچ ويچار ڪانپوءِ سنڌ جي خودمختيار سلطنت کي قائم رکڻ لاءِ ڪي فيصلا ڪيا. هنن فيصلن موجب ڄام نندي جو پٽ ڄام فيروز نئون بادشاهہ بڻيو پر حڪومتي ڪاروبار جي اصل واڳ دريا خان جي هٿ ۾ ڏني وئي. ان کان علاوه ڄام نندي پنهنجو اهل و عيال بہ دريا خان جي سرپرستيءَ ۾ ڏئي ڇڏيو ۽ کيس ڄام فيروز جي گهٽي پارت ڪيائين. جيڪو اڃا نوجوان ڇوڪرو هو.

ڄام نندي جي وفات ڪانپوءِ دريا خان ئي اڪيلو ماڻهو هو جيڪو سياسي ۽ فوجي لحاظ کان پختي ذهن وارو ماڻهو هو پر ڄام فيروز خوشامدڙين جي ڳالهين ۾ اچي، دريا خان کان پري ٿيندو ويو. فقط ٽن سالن کان پوءِ حڪومتي ڪاروبار ۾ سندس اثر ختم ڪري، کيس سنڌ جي حڪومت کان بيدخل ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو.

دريا خان اهڙين حالتن ۾ استعيفيٰ ڏئي سڀ عهدا ڇڏي 1512ع ۾ ٺٽي مان نڪري اچي پنهنجي جاگير ۽ ڳوٺ کي وسايو. هي ڳوٺ "ڳاها" جي نالي سان اڄ سوڏو سيوهڻ جي اولهہ اتر ۾ ايڪويهن ميلن جي پنڌ تي موجود آهي. ڳاها جي ڀرسان مخدوم بلاول جو مدرسو بہ هو. انهن ئي ڏينهن ۾ دريا خان ۽ مخدوم بلاول جون ملاقاتون ٿيون، جن ۾ پاڻ سنڌ جي آئيندي بابت ويچار ڪندا رهندا هئا.

دريا خان جي حڪومت کان ڌار ٿيڻ بعد سمن ڄامن جي حڪومت جا بنياد ڌڙڻ شروع ٿي ويا ۽ ماڻهن گجرات جي حاڪم ڄام صلاح الدين کي خط لکي صلاح ڏني تہ اچي ٺٽي تي قبضو ڪري. ڄام صلاح الدين ڄام نندي جي وفات بعد اڳ ۾ ئي اهڙي قبضي لاءِ سوچيو ويٺو هو سو لشڪر وٺي ٺٽي کان اچي نڪتو ۽ ڄام فيروز هڪدم شهر ڇڏي ڀڄي ويو ۽ ڄام صلاح الدين حڪومت تي قبضو ڄمائي ويهي رهيو.

هاڻي ڄام فيروز پنهنجون غلطيون محسوس ڪيون ۽ پنهنجي ماءُ مدينا ماڇياڻي کي ساڻ



Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري دريا خان کي مجائڻ لاءِ ڳاڻا پهتو. گهڻي ڪوشش ڪانپوءِ دريا خان فيروز سان ساٿ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ پنهنجي اثر وارن علائقن بکر ۽ سيوهڻ مان لشڪر گڏ ڪري ٺٽي طرف روانو ٿيو ۽ صلاح الدين سان جنگ جون تياريون شروع ڪري ڏنيون. ڪنهن وڏي رتوڇاڻ کان سواءِ مختلف جنگي حرفتن سبب دريا خان صلاح الدين کي ڀڄڻ تي مجبور ڪيو ۽ ڄام فيروز ٻيهر تخت نشين ٿي ويو.

پر وري بہ فيروز پنهنجي خوشامندڙين جي چوڻ ۾ اچي اهو سمجهڻ لڳو تہ دريا خان سندس حيثيت کي ختم ڪندو اڳتي نڪري رهيو آهي. نيٺ ڪم ظرفن جي صلاحن تي عمل ڪندي دريا خان کي سيڪت ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ ڄام فيروز جي ماءُ مدينا ماڇياڻي وچي قنڌار کان نڪتي ۽ شاهہ بيگ ارغون سان ملاقات ڪري کيس ٺٽي تي حملي جي دعوت ڏئي پاڻ سان وٺي آئي.

شاهہ بيگ ارغون 1520ع ۾ سنڌ تي حملو ڪيو. هن خبر ملڻ شرط دريا خان مکيہ مشيرن ۽ خود ڄام فيروز سان صلاح مشورا ڪيا ۽ ڄام فيروز کي چيائين تہ ”هي مصيبت تو اسان تي نہ آندي آهي، پر پنهنجي پيرن تي پاڻ ڪهاڙو هنيو اٿئي. بهتر آهي تہ پاڻ سنڀال ۽ سڀ گڏجي انهيءَ آفت سان هلي منهن ڏيون تہ هي فتنو ٽري وڃي.“ پر ڄام فيروز هن معاملي تي ڪو بہ غور نہ ڪيو ۽ بي اونو ٿي پير پٺي جي درگاهہ طرف هليو ويو.

ارغونن 22 ڊسمبر 1520ع تي ساموئي جي ميدان تي جنگ جون تياريون شروع ڪيون. هڪ طرف شاهہ بيگ جنگ جي اڳواڻي ٿي ڪئي تہ ٻئي طرف دريا خان ميدان تي موجود هو. ٻنهي طرفن کان بهادر ۽ سورهيہ جنگ ۾ ٽپي پيا. صبح کان شام تائين لڙائي ٿيندي رهي ۽ دريا خان وڏي بهادريءَ سان وڙهندو رهيو. ارغون نہ تہ کيس شڪست ڏئي سگهيا ۽ نہ وري کيس ختم ڪري سگهيا. آخرڪار دريا خان کي صلح جي بهاني سان جنگ بند ڪرڻ تي راضي ڪيو ويو. ان ريت ڳالهين لاءِ گهرائي سازش ڪري، ارغونن کيس 22 ڊسمبر 1520ع تي شام جي وقت شهيد ڪرائي ڇڏيو.

سندس آخري آرامگاهہ مڪليءَ جي تاريخي قبرستان جي اترئين ڇيڙي تي ڄام نظام الدين جي مقبري جي اولهہ ۾ چند وکن تي آهي.

مرتب: علي حسن چانڊيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# نيپولين بوناپارٽ

1769_1821ع



نيپولين بوناپارٽ جو عروج ۽ زوال تاريخ جي وڏن ۽ ڊرامائي واقعن مان هڪ ليکجي ٿو. ويهن سالن جي مختصر عرصي ۾ ڪارسيڪا جي فوج جو هي آفيسر نہ صرف فرانس جو شهنشاهہ بڻجي ويو پر گهڻو ڪري سڄو يورپ بہ سندس هٿ ۾ اچي ويو. ايڏي عروج ماڻڻ ڪانپوءِ جڏهن سندس زوال آيو تڏهن سندس حياتيءَ جي پڇاڙي ڏکڻ ائٽلانٽڪ جي هڪ ڏورانهين ٻيٽ ۾ ٿي ۽ سندس سياسي ۽ فوجي ادراڪ سندس وڏخيالي جي مقابلي ۾ اڻپورو ثابت ٿيو.

نيپولين ڪارسيڪا جي هڪ اهڙي ننڍي امير گهراڻي ۾ پيدا ٿيو هو جنهن جي وابستگي ڪارسيڪا جي فرانسيسي حڪومت سان هئي. هن فرانس جي فوجي اسڪولن ۾ تعليم ورتي. فرانسي انقلاب جي شروع ٿيڻ کان ٽي سال اڳ کيس فوج ۾ ڪميشن ملي هئي. هو عوامي ايار جو پرجوش حامي هو. هن جي انقلابي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ ڪري سندس آکهہ کي مجبور ٿي ڪارسيڪا ڇڏڻو پيو ۽ انهن وڃي فرانس ۾ پناهہ ورتي. بوناپارٽ کي 1796ع ۾ اٽليءَ جي فوجن جي ڪمان ڏني وئي ۽ هن اتر اٽليءَ مان آسٽريا وارن کي نيڪالي ڏئي ڇڏي ۽ اتي عوامي راڄ قائم ڪيائين. آسٽريليا وارا فرانس جي ڳچ حصي تي پڻ قابض

Jeay Sindh



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هئا. انهن جي طرفان خطري کي روڪڻ لاءِ هن هڪ فوجي جٿو پئرس موڪليو. تنهن ڪانپوءِ هن آسٽريليا وارن سان ڪمپوفارميو وارو معاهدو ڪيو جنهن مطابق فرانس جا فتح ڪيل علائقا ڪيس ملي ويا.

نيپولين جو ٻيو ڪارنامو مصر تي ڪاهه ڪرڻ هو جنهن ذريعي هن برطانيا جي هندستان سان واپار کي هاڃو رسائڻ ٿي چاهيو. انهيءَ ملڪ، جنهن سولائي سان آڻ مڃي، اوتري ئي ڏکيائي مٿس قبضو جاري رکڻ ۾ ٿي. نيل واري لڙائيءَ ۾ ايڊمرل نيلسن برطانيا جي سامونڊي طاقت جو اهڙو مظاهرو ڪيو جنهن بعد ۾ نيپولين کي شڪست جو منهن ڏيکاريو.

نيپولين فرانس موٽي ڊاريڪٽري جو تختو اونڌو ڪرڻ واري هڪ سازش ۾ شريڪ ٿيو ۽ کيس ڪنسوليٽ نالي نئين سرڪار جو مکيه ڪائونسل بڻايو ويو. مکيه ڪائونسل جي حيثيت ۾ هو سچ پچ هڪ ڊڪٽيٽر ثابت ٿيو. هن جهڙي طرح فوجي معاملن ۾ پاڻ ملهايو هو اهڙي ئي طرح هن قوم مٿان حڪومت به هلائي ڏيکاري. جن علائقن ۾ گهرو ويڙهه ڪري تباهي متل هئي، اتي امن امان قائم ڪيائين. سڪي کي مستحڪم ڪيائين ۽ محصولي سرشتي کي سڌاري وڏيڪ انصافن پريو ۽ اثرائتو ڪيائين. هن ڪئٿولڪ ڪليسا سان ٺاهه ڪيو تعليمي سرشتي کي نئين سر منظم ڪيائين ۽ قانونن کي گڏ ڪري ضابطي جي شڪل ڏنائين. هن جو ٺاهيل ديواني قانونن جو مجموعو اڃا تائين فرانس ۾ هلي پيو جنهن کي ڪوڊ نيپولين سڏجي ٿو. انهيءَ مجموعي انهن ملڪن جي قانوني سرشتن تي پنهنجا پختا اثر ڇڏيا آهن، جيڪي نيپولين جي حڪومت هيٺ رهيا هئا.

نيپولين کي يقين هو ته هو يورپ کي متحد ڪرڻ لاءِ پيدا ٿيو هو. جنهن ڪري هن 1804ع ۾ پاڻ کي فرانس جو شهنشاهه ٿاڦيو ۽ ٻين ملڪن کي فتح ڪرڻ وارو پروگرام جاري رکيائين. هن بلقان جي ملڪن کانسواءِ ٻيو سمورو يورپ ڪنڌ فتح ڪري ورتو هو. فرانسيسي شهنشاهيت نيدرليند ۽ اتر جرمنيءَ کان وٺي روم سميت اٽليءَ تائين پکڙجي وئي هئي. شهنشاهيت جي چوڌاري اهي زيردست رياستون هيون، جن مان گهڻين تي نيپولين جا مائٽ راڄ ڪري رهيا هئا. انهن کان پريان آسٽريا، پرشيا ۽ رشيا جهڙا ملڪ هئا، جن عارضي طرح ساڻس ڪو نه ڪو ٺاهه ڪري پنهنجي جند ڇڏائي ورتي هئي.

پر اڃا برطانيا جهڙو هوڏي دشمن باقي بچيل هو. نيپولين ان کي سيکت ڏيڻ خاطر هڪ دفعو ٻيهر پنهنجي فوج کي اوپر طرف وڌڻ جو حڪم ڏنو. ايتري ۾ روس سان ويڙهه تي سندرو

Jeay Sindh



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڀڄائين. 1812ع واري سنڌس روسي مهم تباهيءَ سان پوري ٿي. نيپولين جي فوج روس جي سخت سياري جي سٽ نہ سهي سگهي ۽ پاڄ ڪائيندي ٽڏ ۽ بک وگهي مري وئي. روس ۾ گهڙڻ وقت فرانسي فوج جو انگ ڇهہ لک ٻارنهن هزار هو پر انهن مان صرف ہہ لک ماڻهو پنهنجي تباهيءَ جو داستان ٻڌائڻ لاءِ جيئرا موٽي سگهيا هئا.

نيپولين جو پاري پٽلو هاڻي ايترو تہ نازڪ ٿي ويو هو جو ڪيس ڏڪ هڻڻ سولو ٿي پيو هو. يورپ جون ٻيون طاقتون سنڌس خلاف گڏ ٿي ويون. نيپولين جنگ جي ٽڪل ٽٽل فرانسين مان ٻي فوج ٺاهي ورتي ۽ لڳاتار وڙهندو رهيو پر مارچ 1814ع ۾ اتحادي فوجون پئرس پهچي ويون. نيپولين کي زوري تخت تان لاٿو ويو ۽ ڪيس جلاوطن ڪري يونوچ سمنڊ جي ايلبا نالي ٻيٽ ڏانهن موڪليو ويو.

ٻئي سال، جڏهن اتحادي اڃا يورپ جي نئين سر اڏوات ۾ لڳا پيا هئا، تڏهن نيپولين ايلبا مان ڀڄي، اچي فرانس ۾ پهتو جتي ڏٺائين تہ ماڻهو بحال ٿيل بوربون بادشاهت مان خوش نہ هئا ۽ وري شهنشاهيت قائم ڪرڻ لاءِ سنڌس مدد ڪرڻ لاءِ تيار هئا. هن حڪومت ۽ فوج جون واڳون سنڀاليندي بيلجيم تي ڪاهہ ڪئي پر اتحادي فوجن برطانوي ڊيوڪ آف ويلنگٽن جي اڳواڻيءَ ۾ هيٺ ڪيس واٽرلو جي يادگار جنگ ۾ شڪست ڏني.

نيپولين کي وري جلاوطن ڪيو ويو. هن دفعي سنڌس جلاوطني دائمي ثابت ٿي. انگريزن ڪيس سينٽ هيلينا نالي هڪڙي ننڍڙي ٻيٽ ڏانهن موڪلي ڇڏيو جتي هن پنهنجي زندگيءَ جا آخري ڇهہ سال باغباني ڪندي ۽ پنهنجي آتم ڪهاڻي لکرائيندي گذاريا.

سنڌيڪار: محمد بخش سومرو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جنرل هوش محمد شيدي

1801_1843ع



انسانن جو وڪرو اچ بہ ٿئي ٿو پر سئو بہ سئو سال اڳ تائين اهڙو زمانو هو جو انسان هٿان انسان جو کلئي عام واپار ٿيندو هو. ماڻهن جي ڪاروبار ۾ رڍن ۽ ٻڪرين وانگر واڪ لڳندا هئا. انسانن جو ڪاروبار ڪندڙ وڏا ساموندي ٻيڙا ڪاهي نڪري پوندا هئا. ماڻهن کي طاقت جي زور تي جهلي، ڍورن ڍڳن وانگر هڪلي، جهاز ۾ چاڙهي، دنيا جي مختلف ملڪن ۾ وڪڻندا هئا. تڏهن غلامن جي واپار کي قانوني حيثيت هئي. غلام وڪرو ٿيڻ کان پوءِ، ڪنهن جا ذاتي نوڪر ٿيندا هئا، تہ ڪي سخت محنت واري پورهئي تي لڳايا ويندا هئا. انهيءَ غلاميءَ جا وڌ ۾ وڌ شڪار آفريڪا جا رهواسي ٿيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هوشوءَ جي وڏڻ بابت جيڪي اشارا ملن ٿا، انهن جي آڌار تي اندازا لڳايا وڃن ٿا تہ اهي غلامن جي بازار ۾ وڪرو ٿي ويا. ڪنهن تحفي جي شڪل ۾ سنڌ ملڪ ۾ پهتا هوندا ۽ پنهنجي وفاداري ۽ محنت سبب هن ديس جو حصو بڻجي ويا.

هوش محمد بہ پنهنجي والد وانگر مير فتح علي خان جي حويليءَ جو ملازم هو. ساڳئي وقت هو جنگ جي فن جو ماهر بہ هو. سندس پيدائش بابت يقين سان ڪجهہ چئي نٿو سگهجي، پر جيئن تہ هو ٽالپر حڪمران مير فتح علي خان جي پٽ مير صوبدار جو ساٿي ۽ هم عمر هو تنهن ڪري اندازو آهي تہ هو 1801ع ۾ پيدا ٿيو هوندو.

انگريزن جڏهن سنڌ تي حملو ڪيو تہ انهن کي اهڙن ماڻهن جي ضرورت هئي، جيڪي ميرن جي گهر جا ماڻهو بہ هجن ۽ اقتدار جي لالچ ۾ اچي سندن ساٿ بہ ڏين. انهن ڪوشش جي نتيجي ۾ انگريز هوشوءَ جي دوست مير صوبدار کي پاڻ سان ملائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. هوشو مير صوبدار کي گهڻو سمجهايو تہ انگريز سنڌ جا دشمن آهن ۽ انهن جي سازشن ۾ نہ اچڻ گهرجي، پر مير صوبدار نہ مڙيو. هوشوءَ کيس چيو تہ: ”سنڌ کي خطرو آهي، هن وقت سڀ ويڇا وساري ڇڏ.“ پر صوبدار خوشامدين جي گهيري ۾ هو ۽ اقتدار جي لالچ کيس انگريزن سان ويجهو ڪري ڇڏيو هو.

انگريزن پنهنجا حمايتي پيدا ڪرڻ ڪانپوءِ ميرن کي مجبور ڪيو تہ اهي ساڻن سندس فائدي وارن ٺاهن تي صحيحون ڪن. ميرن جي پاڻ ۾ اڻبڻت ۽ ٺاهن تي صحيون نہ ڪرڻ جو بهانو بڻائيندي 11 جنوري 1943ع تي انگريزن حملو ڪري ”امام ڳڙهہ“ وارو قلعو فتح ڪري ورتو. بعد ۾ مياڻيءَ جي جنگ لڳي. هوشو پنهنجي ملڪ خلاف ٿيندڙ سازشن جي مخالفت ڪندي پنهنجي پراڻي دوست مير صوبدار کي چيو: ”پنهنجن کي مارائي سرداري بچائڻ ديس سان دشمني آهي. عوام جو ساٿ ڏي ۽ سورمن وانگر وڙهہ.“ انهن ڳالهين جو مير صوبدار تي ڪو بہ اثر نہ ٿيو.

انگريزن پاران جيئن پوءِ تيئن مير سردارن کي پڪڙي قيدي بنائڻ ۽ قلعن تي قبضن جو سلسلو وڌندو رهيو. اهي حالتون ڏسي هوشوءَ جي دل ۾ انگريزن لاءِ نفرت جي باهہ ويتر وڌي ويئي ۽ ساڻن مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ ڪجهہ بهادر ۽ وفادار ساٿي گڏ ڪيائين ۽ حيدرآباد ڇڏي مير شير محمد ڏانهن ميرپورخاص ان اميد تي روانو ٿي ويو تہ ايندڙ جنگ ۾ انگريزن کي شڪست ٿيندي ۽ سنڌ ڌارين جي قبضي مان آزاد ٿي ويندي.

مير شير محمد اڳ ئي انگريزن سان مقابلي جو فيصلو ڪري چڪو هو. کيس هوشوءَ جهڙن



Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دلير ۽ وفادار ساٿين جي ضرورت هئي. هوشوءَ ۽ سندس ساٿين جي پهچڻ سان هن جي قوت ۽ همت اچا بہ وڌي وئي. مير شير محمد 10 مارچ 1843ع تي پنهنجي فوج وٺي حيدرآباد روانو ٿيو.

23 مارچ 1843ع اهو تاريخي ڏينهن آهي، جڏهن سنڌ جي جوڌن، ديس جي آزاديءَ کي بچائڻ لاءِ انگريزن جي هٿياربند فوج سان آخري دوبدو جنگ ڪئي. 24 مارچ 1843ع تي چارلس نيپئر بہ پنهنجي فوج وٺي قليلي واهہ تيپي آيو. سنڌ جي وطن پرستن ۽ انگريزن جي غاصب فوج ۾ زبردست جنگ لڳي.

هوش محمد جيڪو جنگ جي فن جو ماهر هو سو پنهنجي جنگي تدبيرن وسيلي سنڌ وطن جي آزاديءَ کي بچائڻ واري جذبي سان سرشار ٿي دشمن کي للڪاريندو رهيو ۽ سنڌي سپاهين کي سورهيہ ٿي سوڀ حاصل ڪرڻ لاءِ همٿائيندو رهيو. هو گجندو رهيو تہ دشمن کي ختم ڪرڻ لاءِ گڏجي حملا ڪيو. انهيءَ جنگ ۾ جنرل هوش محمد اهو تاريخي نعرو هنيو جنهن کيس انگريزن خلاف آزاديءَ جي جنگ جو اَمر هيرو بنائي ڇڏيو. سندس نعرو هو: ”مرويسون، مرويسون پر سنڌ نہ ڏيسون“.

23 مارچ 1843ع سنڌ جي قومي سورمي جنرل هوش محمد جي شهادت جو ڏينهن آهي. انگريزن سان جنگ ۾ شهيد ٿيل سپاهين کي ”دبي“ واري هنڌ تي دفنايو ويو هوندو پر اهڙي ڪا بہ ثابتي نٿي ملي تہ شهيد هوشوءَ کي ڪٿي دفنايو ويو. چيو وڃي ٿو تہ سندس تربت حيدرآباد واري پڪي قلعي ۾ آهي. ڪي روايتون آهن تہ هوشوءَ جي قبر دبي واري هنڌ ئي آهي. ان ڏس ۾ محققن جا رايا هڪ ٻئي کان مختلف آهن.

حيدرآباد جي قلعي ۾ جنهن قبر لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اها هوشوءَ جي آهي، خبر ناهي تہ هاڻي اها سلامت هجي بہ يا نہ، پر جڏهن اها قبر صحيح حالت ۾ هئي تہ ان جي ڪتبي تي لکيل هو : Ono of the Meer's Soldiers (ميرن جي سپاهين مان هڪ).

هاڻي اهو چئي نٿو سگهجي ٿو تہ ميرن جو اهو سپاهي هوشو هو يا ڪو ٻيو.

ڪي قومون پنهنجن گمنام سپاهين جي قبرن مان اتساهہ وٺنديون آهن. هتي اسان وٽ هڪ سچو وطن پرست سورمو ۽ سپاهي تہ آهي، پر ان جي قبر گمنام آهي، پر اهو گمنام قبر وارو سپاهي هوشو سنڌ جي هر نسل ۾ آزاديءَ جا اُتم ۽ اتساهہ پيدا ڪندو رهندو.

مرتب: علي حسن چانڊيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

[https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book](https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book)